# 1. گيت

ڊاڪٽر موتي پرڪاش (1931-2016ع) هڪ شاعر، ليکڪ، نقاد، ناٽڪار طور هند، سنڌ ۾ هاڪارو آهي. هن قومي تراني ۾ شاعر سنڌيت جي خوبين جو ذڪر ڪيو آهي.







آنڌيءَ ۾ جوت جڳائڻ وارا سنڌي،
مٽيءَ کي سون بڻائڻ وارا سنڌي.

شاهه سچل ساميءَ جي ورثي وارا، نس نس ۾ جن جي وهي ٿي سنڌوُ ڌارا،
جهر ۽ جهنگل ۾ جهانگيئڙا ، ٿي رهن ملير ۾ مارو‌ئڙا
برپٽ کي باغ بڻائڻ وارا سنڌي.
آنڌيءَ ۾ جوت.......

پريم ڀاو ايڪي سان رهندا جڳ ۾، محنت جو ڀاو ڀريل آ جن جي رڳ رڳ ۾
سڀني سان پريم وڌائيندا، ڪجهه ڏيندا ڪجهه پائيندا،
سنسار ۾ پريم وڌائڻ وارا سنڌي.
آنڌيءَ ۾ جوت.......

بينگال ۾ رهندا ۽ سکندا بينگالي، ڪيرل ۾ رهندا ۽ سکندا مليالي،
گجرات ۾ سکندا گُجراتي، تہ بہ امر سدا سنڌي جاتي،
سنڌيءَ سان نينهن نباهڻ وارا سنڌي.
آنڌيءَ ۾ جوت.......

موهن جي دڙي جا دڀجي اوچا رهندا، طوفان زلزلا، سوُر ۽ سختيون سهندا،
هيموُنءَ جيان ڦاسي کائيندا تہ بہ مُرڪي ڳائيندا،
هي کُڏندي ڪنڌُ ڪپائڻ وارا سنڌي.
آنڌيءَ ۾ جوت جڳائڻ وارا سنڌي،
مٽيءَ کي سون بڻائڻ وارا سنڌي.

**نوان لفظ :**

جهانگيئڙا = جهنگل ۾ رهندڙ    برپٽ= بيابان، ريگستان    نينهن نباهڻ = ناتو نباهڻ

## اپياس

**سوال ١ - هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو :-**

١. سنڌين کي ورثي ۾ ڇا مليل آهي؟

٢. محنت ڪنهن جي رڳن ۾ پريل آهي؟

٣. گيت ۾ ڪهڙي ڪرانتيڪاريءَ جو نالو آيو آهي؟

**سوال ٢ - هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو :**

١. ڀارت جي الڳ الڳ راڄين ۾ سنڌي ڪيئن گڏجي مسجي رهن ٿا؟

٢. سنڌي پريم ڀاو ڪيئن وڌائن ٿا؟

**سوال ٣ - هيٺيان چوڪنڊا ڀريو :**

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| بينگال | گجرات | مهاراشٽر | | اوڙيسا |
| | گجراتي | | تمل | |

**سوال ۴- : هيٺيان جوڙا ملايو :**

| | |
|---|---|
| ١) پريم ڀاو ايڪي سان | ١) وڌائڻ وارا سنڌي |
| ٢) محنت جو ڀاو ڀريل آ | ٢) ڪُجهه پائيندا |
| ٣) ڪُجهه ڏيندا | ٣) جن جي رڳ رڳ ۾ |
| ۴) سنسار ۾ پريم | ۴) رهندا جڳ ۾ |

## پورڪ اَپياس

**١) شعر بند تي عملي ڪم**

**شاهه سچل .................. نينهن نباهڻ وارا سنڌي**

**(i) ”جهر“ ۽ ”جهنگل“ لفظ ساڳِئي اَکر ”ج“ سان شروع ٿيندڙ آهن.**


**اَهڙي نموني ساڳِئي اَکر سان شروع ٿيندڙ لفظ پورا ڪريو :-**

بريٿ ← ...........

جوت ← ............

نينهن ← ...........

(ii) مثال موجب چوڪنبدا پريو :




(٢) هڪ سٽ ۾ جواب لکو :

(١) چار مشهور سنڌي شاعر لکو.

(٢) ڪي ٻه چار ٻوليون لکو.

(٣) ديش جي آزاديءَ جي تحرڪ ۾ ڀهرو وٺندڙ سنڌي ويرن جا نالا لکو.

(۴) ڪن چئن ڪامياب سنڌي شخصيتن جا نالا لکو.

(٣) ’مونکي وڻندڙ اَڳوان‘ اِن وشيه تي مضمون لکو.

سنڌي پڙهاڪا ۽ چوٽيون ۽ ٻي سنڌيءَ لاءِ ڄاڻ. Sindhi Sangat.com

---

## پاڙ ڪريان - پاڙ سکان

گفتگو لکو:



١. گراهڪ ۽ ڀاڄيءَ وارو

٢. ٻه دوست / ساهيڙيون (صفائيءَ بابت)

٣. ماءُ ۽ پُٽ (سُٺن گڻن بابت)

۴. ڊاڪٽر ۽ مريض

٥. ڪتاب ۽ پين

٦. وڻ ۽ مسافر